REFUGEE GIRLS
Worldwide

جانورن جي پالنا



تربيتِي ڪتابچو

هن منصوبي جو اصل مقصد ضلعي بدين جي يوسي ڏاڏاھ، سانگي فراھو جي ٻوڏ ستايل ٻھراڙي جي پنجھترھارين جي زراعت ۽ مال جي سارسنڀال تحت چونڊ ڪرڻ ۔

آر،جي، ڊبليو ۽ مالٽن مسجد جي مالي سھڪارسان ھارين کي امداد لاءِ ھر ڳوٺ ۾ جتان پنجھترھارين جي چونڊ ڪئي وئي ۔

- انھن ڳوٺن ۾ ڏھ ھاري تنظيمون ٺاھڻ ۔
- پنجھترھارين کي زرعي اوزارن ۽ اسپري مشين ،يوريا پاڻ جون چار پوريون في پوري پنجاھ ڪلو ۽ ھڪ پوٽاش في ڪلو پوري پنجھ ڪلو جي امداد مھيا ڪرڻ ۔
- ست سئو جانورن کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ ٽڪا لڳائڻ ۔
- موسمياتي تبديلين کان بچڻ لاءِ فصلن جي جديد طريقي سان پوکي ڪرڻ ۔
- چوپائي مال جي سارسنڀال ۽ پالنا لاءِ تربيتون ڏئي ھارين جي صلاحيتون وڌائڻ ۔

مالي معاونت ڪندڙ ادارو

رفيوجي گرلس ورلڊوائيڊ (RGW) ۽ مالٽن مسجد (Malton Masjid)

تحرير:

ڈاڪٽر مريم

REFUGEE GIRLS
Worldwide

منصوبي جو تعارف

هي هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد پنجهترهارين کي زراعت ۽ جانورن جي پالنا ۽ ان جي سارسنڀال لاءِ تربيت ۽ ست سئو جانورن کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ ٽڪا لڳرائڻ ۽ هارين کي بااختيار بنائڻ ته جيئن موسمياتي تبديلين کان بچاءُ لاءِ جديد طريقي سان پوکي ڪري سگهن.

آرجي دبليو ۽ مالڻن مسجد جي مالي سهڪارسان هي منصوبو پنجهترهارين کي زراعت کي بهترڪرڻ لاءِ جديد طريقي سان فصلن جهڙوڪ ڪڪڙ ، توريو ۽ سورج مکي جي پوکي ڪرڻ ۽ مال مويشي جي وقت سرسنڀال رکڻ ۽ ٽڪا لڳرائڻ ته جيئن بيمارين کان بچاءُ وقت تي ٿي سگهي.

پنجهترهارين جي چونڊ ڪرڻ لاءِ اهي هاري اهل هيا جنهن جي زمين اڌ ايڪڙ کان ٻن ايڪڙن تائين هئي ۽ زمين جو ستون فارم موجود هيو .

- جيڪي پنهنجي زمين ۾ ڪڪڙ، توريو ۽ سورج مکي پوکيندڙهئا .
- جنهن جي ماهوار آمدني پندرنهن هزار تائين هئي .
- پنج سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن يا بزرگن تي پاڙيندڙ ڪٽنب .
- اهي هاري جنهن کي ٻوڙ کان پوءِ ڪابه مدد نه ملي هئي .

1. پنجهترهارين کي زرعي اوزارن جي فراهمي جنهن ۾ ٻه ڪوڏار، ٻه رنبيون، ٻه ڏانٽا ، هڪ ڏاندار ۽ اسپري مشين .
2. پنجهترهارين کي يوريا ٻاڻ جون چار ٻوريون في ٻوري پنجاه ڪلو ۽ هڪ پوٽاش في ڪلو ٻوري پنجويهه ڪلو جي گرانٽ مهيا ڪرڻ.
3. پنجهترهارين جي ست سئوجانورن کي بيمارين کان بچاءَ جاٽڪا لڳائڻ.

REFUGEE GIRLS
Worldwide

چوپائي مال جي پالنا ۽ سارسنپال

جانورن جي صحت جا بنيادي اصول

- جانورن جي صحت جا بنيادي اصول
- موسم آهر رهائش ڏيڻ
- وٽاڻ کي صاف ستڙو رکڻ ۽ وٽاڻ جو پاسي تي هجڻ
- جانورن کي گرمين جي ڏينهن ۾ ٻه دفعا ۽ سياري جي ڏينهن ۾ هڪ دفعو پاڻي پيارڻ گهرجي
- ضرورت مطابق تازو پاڻي ۽ متوازن غذا جي فراهمي ضروري آهي.
- سال ۾ ٻه دفعا سيدو لوڻ آواڻن جي پاڻي ۾ ملائجي
- واڙي جي اندر موزون درجه حرارت ۽ تازي هوا جي فراهمي لازمي آهي.
- واڙي جي اندر جانورن لاءِ آزادانه گهمڻ ڦرڻ لاءِ جڳهه جو بندوبست لازمي رکڻ گهرجي
- واڙي ۾ روشني جوبندوبست لازمي ڪرڻ گهرجي
- بيمار جانورن جو ترت علاج ڪرائڻ گهرجي
- پيٽ جي ڪيڑن کان ڇوٽڪاري لاءِ ڪيڑن واري دوا پيئارڻ گهرجي
- چوپائي مال کي وڇڙندڙ بيماري کان بچاءَ جاوقت سر ٽڪا لڳائڻ گهرجن
- جانورن جي جسم تي آيل ننڍن زخمن کي جلدي ۾ صاف ڪرڻ ڪپڙي سان ٻڌي ڇڏڻ گهرجي
- جيڪڏهن ڪنهن جانور کي ڪو نانگ يا زهريلو جيت کائي وڃي ته جلدي ۽ ۾ وٽنري ڊاڪٽر سان رابطو لازمي ڪرڻ گهرجي

REFUGEE GIRLS
Worldwide

جانورن ۾ وڇڙندڙ بيماريون



- جانورن جون وڇڙندڙ بيماريون اُهي آهن جيڪي ڪنهن بيماري پيدا ڪندڙ جراثيم ذريعي جانور جي جسم ۾ پيدا ٿين ٿيون ۽ اهڙيون بيماريون بيمار جانور جي ڳڳهه، پيشاب، چيٽي، بچايل ڪاڏي يا ويجهڙائپ سان ٻئي تندرست جانور کي به لڳي سگهن ٿيون . وڇڙندڙ بيمارين جا جيوڙا ٻن قسمن جا آهن . هڪ بيڪٽريا ٻيا وائرس چئبا آهن .

جانورن ۾ عام ٿيندڙ وڇڙندڙ بيماريون هيٺين ريت آهن .





1. گهو گهو، گل گهٽو-گهيٽاريا ڳڻڊ Hemorrhagic Septicemia

هي هڪ شديد وڇڙندڙ بيماري آهي. جيڪا پاسچرولا ملٽو سيبا(Pasturella Multoceda) نالي بيڪٽريا (جيوڙي) مان ٿئي ٿي. هي بيماري عام طرح برسات جي مند ۾ يا مندن جي تبديلي مهل پکڙجي ٿي هن بيماري جو جيوڙو جانور جي ڳڳهه جي ذريعي ٻئي جانور تائين پهچي ٿي.





نشانيون:

هن بيماري جي واضح نشانين ۾ تيز بخار، نڙيءَ تي سوج ساهه ۾ ڇڪ عام سڃاڻپ آهي پر علامتن جي لحاظ کان هن بيماري جا ٽي قسم آهن

- نڙي تي سوج Oedematus Form
- ڦڦڙن تي سوج Pectoral Form
- آنڊن تي سوج Abdominal Form

REFUGEE GIRLS
Worldwide



2 . ڪاري ڄنگهه، ڪانهڙيو يا ست (Black Quarter):

هي هڪ شديد بخاروارو بيماري آهي جيڪا گهٽو ڪري ڳائي مال ۾ ٿيندي آهي هن بيماري جو ڪارڻ ڪلاسٽريڊيم شوويائي (Clostridium Chouvie) بيڪٽريا (جيوڙو) آهي.

نشانيون:

هن بيماري ۾ جانور تيز بخار کان پوءِ منڊ کائڻ شروع ڪري ٿو، ڏند به ڪرٽي ٿو، ساھ ۾ مونجھه جي ڪري جانور 12 کان 48 ڪلاڪن اندر مري وڃي ٿو.



(3) ٽکاڻ، برڪي يا ڪارو واءُ Anthrax:

هيءَ هڪ شديد اثرواري بيماري آهي جيڪا بيسيلس اينٿريڪس (Bacillus Anthrax) بيڪٽريا (جيوڙو) جي ڪري ٿئي ٿي. هي بيماري خاص طرح وارياسي ۽ جابلو علائقن ۾ گهٽو ٿئي ٿي.

نشانيون:

هيءَ هڪ شديد قسم جي بيماري آهي. هي بيماري انسانن ۾ منتقل ٿي سگهي ٿي. جنهن ۾ گهٽو ڪري جانور ڪنهن علامت کان سواءِ مري وڃي ٿو ۽ جانور جي قدرتي سوراخن مان ڇيو ۽ ڪارورت وهي ٿو جيڪو جمي نه ٿو. ان کان سواءِ جانور کي تيز بخار، ساھ ڪٽ ۾ ڏکيائي ۽ هلڻ ۾ لوڏو محسوس ٿئي ٿو.



4 . ساماڙو، مهاڙو يا منهن ڪُر Foot and Mouth Disease:

هي جانورن جي هڪ سخت وڇڙندڙ بيماري آهي جيڪا وائرس Aptho virus ايپٿو وائرس ذريعي ٿيندي آهي ۽ تمام تيزي سان هڪ جانور کان ٻئي جانور کي لڳندي آهي.

نشانيون:

بخار جو وڌڻ، ٻک جي گهٽتائي وات ۾ اندر سوزش، زبان ۽ ڪُرن جي وچ ۾ ڦلوڪٽا، اهي ڦلوڪٽا ڦاٽي زخم ڪري ڇڏيندا آهن. ٽٽن ۾ به زخم ٿي پوندا آهن. وات مان گگ نڪرندي رهندي آهي. جانور ڪير گهٽائي ڇڏيندو آهي ۽ ڪمزور ٿي ويندو آهي.



5. رتاوان دست يا تيڪ واري بيماري Enterotoxaemia :

هيءَ هڪ سخت وڇڙندڙ بيماري آهن جيڪا بيڪٽريا (Clostridium Welchii) جيوڙي جي ڪري ٿئي ٿي.

نشانيون:

هن بيماريءَ ۾ جانور کي پهريان تيڪ ٿئي ٿي. جنهن ۾ ماڻهو سمجهي ٿو اها معمولي ڳالهه آهي اها تيڪ پهريان ڇڏي پٽڙي سائي رنگ جي پوءِ منجهس سوري وانگر رت اچڻ شروع ٿئي ٿو، بيماري ۾ ورتل جانور ڏند ڪرٽي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اکين کان انڌو به ٿئي ٿو هن بيماري ۾ مري ويل جانور جو پيٽ آپامجي پوي ٿو.



6. ڦڦڙي يا پلورو نمونيا Caprine Contagious Pleuro pneumonia :

ڦڦڙي جي بيماري تمام تيزي سان وڇڙندڙ بيماري آهي جيڪا بيڪٽريا (Mycoplasma Mycoids) جيوڙن جي ڪري ٿئي ٿي. هن بيماري ۾ ڏڻ جو ڏڻ ونڊجي ويندو آهي.

نشانيون:

جانورکي تيز بخار، سست ٿي کائڻ، پيئڻ ڇڏڻ جي ڪري ڪمزور ٿي ويندو آهي. جانور کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ۽ کنگهه پڻ ٿيندي آهي. جانور هر وقت کنگهندو رهندو آهي. جانور جي ناسن مان گهاڻو پيلو پاڻي وهندو رهندو آهي. اکين مان پاڻي وهي ٿو جانور هلڻ کان ڪيڀائي ٿو ۽ ٽنگهون کولي منهن هيٺ ڪري بيهندو آهي.



7 . ريڍن / ٻڪرين جي ماتا (Sheep / Goat Pox)



هيءَ بيماري تمام تيزي سان وڌندڙ بيماري آهي جيڪا ماتا (Pox) (جيوڙن) جي ڪري ٿئي ٿي.

نشانيون:

هن بيماريءَ ۾ جانور کي هلڪو بخار، گهٽ ٻُک ۽ اوڳاڙ گهٽائي ڇڏيندو آهي. جانور جي وارن کان صاف جسم جي حصن تي داڻا ظاهر ٿيندا آهن. جهڙوڪ مٿو، ڪن، ٽنگن جا هيٺيان پاسا، پڇ جو هيٺيون حصو وغيرهه. ڦڦڙن تي پڻ ڳوڙهيون ٿينديون آهن جنهن ڪري موتمار نمونيا پڻ ٿي پوندي آهي. نڪ مان گهاٽو پاڻيائ نڪرندو آهي. اکيون سُڄي پونديون آهن.

8 . پوسٽ بجارو يا ڪاتا (Pest des petitis ruminant (PPR)



هي بيماري باکري ۽ ريڍهي مال جي هڪ خطرناڪ وڌندڙ بيماري آهي. هيءَ بيماري هڪ وائرس (Paromixo Virus) جي ذريعي ٿئي ٿي.

نشانيون:

هن ۾ جانور کي تيز بخار، اکين ۽ نڪ مان پاڻي وهڻ، ساهه ڪٽڻ ۾ ڏکيائي، وات ۽ مهارن ۾ ننڍا ننڍا زخم ٿيڻ، زبان ۽ مهارن تي اڇي (سفيد) رنگ جو تهه جمڻ، آخر ۾ جانور کي پاڻي جهڙا دست ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ رت به ايندو آهي ۽ هفتي اندر جانور مري ويندا آهن.



ويڪسينيشن ڇا آهي ؟

ويڪسين ليبارٽري ۾ بيماري جي جراثيم کي ڪمزور ڪرڻ يا مارڻ سان ٺاهي ويندي آهي. اهي جراثيم جن کي جانورن ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، ته اهي خاص بيماري پيدا نه ڪندا آهن، پر ان جي جسم ۾ انهن جي موجودگي قدرتي طور تي انهن جي مدافعتي نظام کي وڌائڻ شروع ڪري ٿي، پوءِ جيڪڏهن ساڳيو مرض جانور تي حملو ڪري ٿو ته ان وٽ اڳ ۾ هي ان بيماري خلاف وڙهڻ لاءِ هڪ نظام موجود آهي ان جي ڪري جانورن کي بيماري کان بچاءُ لاءِ ويڪسين لازمي آهي.

ويڪسينيشن ڇو ضروري آهي؟

هڪ چوٽي آهي ته احتياط علاج کان وڌيڪ لازمي آهي انڪري وقت سر جانورن کي بيماري جي بچاءُ جي ويڪسينيشن لازمي آجنهن سان جانورن جي حفاظت ٿئي ٿي.

REFUGEE GIRLS
Worldwide

وقتائتي ويڪسينيشن جو چارٽ

مهينا	بيماري جو نالو	متاثر جانور	ٽڪن لڳائڻ جو وقت	ٽڪن جو اثر
جنوري	دست	رڍ، ٻڪري	ڊسمبر جو آخري هفتو	ڇهه مهينا
فيبروري	منهن کر جي بيماري	ڳئون ۽ مينهن	جنوري جو آخري هفتو	ڇهه مهينا
مارچ	چپڙ جي بيماري	ڳئون، ٻڪري، رڍ، مينهن	جنوري جو آخري هفتو	هڪ سال
اپريل	ڪاري ٽنگ	ڳئون، ٻڪري، رڍ، مينهن	مارچ جو آخري هفتو	هڪ سال
مئي	منهن کر جي بيماري	ڳئون، مينهن	اپريل جو پهريون هفتو	ڇهه مهينا
جون	فهفڙن جي بيماري	رڍ، ٻڪري	مئي	هڪ سال
جولاءِ	دست	رڍ، ٻڪري	جون کا آخري هفتا	ڇهه مهينا
آگسٽ	گهل گهوٽو	ڳئون، مينهن	جولاءِ جو آخري حفتو	ٽي کان چار مهينا
سيپٽمبر	چپڙ ست جي بيماري	رڍ، ٻڪري	آگسٽ	هڪ سال
آڪٽوبر	چپڙ	ڳئون، ٻڪري، رڍ، مينهن	آگسٽ	نو مهينا
نومبر	،فهفڙن جي بيماري	ڳئون، ٻڪري، رڍ، مينهن	آڪٽوبر	هڪ سال
ڊسمبر	گهل گهوٽو	ڳئون، مينهن	ڊسمبر جو آخري هفتو	ٽي کان مهينا



REFUGEE GIRLS

Worldwide

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

ANNUAL REPORT 2025



FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

ANNUAL REPORT 2025



FRDP

ANNUAL REPORT 2024-2025



123 Main Street, City, State 12345
info@frdp.org.pk
www.frdp.org.pk

FRDP
SERVING GRASSROOT COMMUNITIES

ANNUAL REPORT

2023 - 2024

